ڊاڪٽر رياضت برڙو

# ڊاڪٽر غلام علي الانا جي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد واري نظريي جو اڀياس

# A Study of Dr. G. A. Allana's Theory about Origin of Sindhi Language

**Abstract:**

Dr. Ghulam Ali Allana (1930-2020), commonly referred to as Dr. Allana, was a distinguished author in the literary field. He was a prominent writer, researcher, and linguist of the Sindhi language, credited with numerous significant books and research papers written in Urdu and English under the name Dr. G. A. Allana. Dr. Allana served as a professor in the Sindhi Department at the University of Sindh, Jamshoro. He was the first individual to obtain a PhD in Sindhi Language and Literature from the University of Sindh in 1971, with his dissertation titled "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" (A Literary and Cultural History of Laar, a region in lower Sindh). Notably, Dr. Allana authored more than 200 research papers and articles on topics related to language, literature, classical poetry, and teaching methodologies. Additionally, he published over 50 literary and research books exploring various aspects of linguistics. This research paper aims to investigate Dr. Allana's contributions to the study of the origin of the Sindhi language. In his research paper published in the second issue of the Quarterly Mehran magazine in 1967, Dr. Allana presented a theory regarding the origin of the Sindhi language. Prior to his work, several other scholars and linguists, including Dr. Ernest Trump (1872), Dr. A. G. Grierson (1903), Mr. Bheroomal Meherchand Adwani (1941), Mr. Jayramdas Dolatram (1957), Dr. N. A. Baloch (1962), and Mr. Siraj ul Haq Memon (1964), had proposed their own theories. Scholars from earlier periods generally believed that the Sindhi language is derived from Sanskrit, while others argued the opposite, claiming that Sindhi is a foundational language from which Sanskrit is derived. Following the publication of his initial paper, Dr. Allana further

reviewed and analyzed his theory, culminating in a full-length book titled "بنياد ٻڻ جو ٻوليءَ سنڌي" (Origin of Sindhi Language), published in 1974. He revisited his theory three decades later in light of modern research, resulting in an expanded edition of the same book published in 2004. This research article seeks to discuss the theories surrounding the Sindhi language by delving into Dr. G. A. Allana's comprehensive descriptions.

**Key words:** linguistics, language origin theory, Sindhi language, Sanskrit.

ڊاڪٽر غلام علي الانا (1930–2020ع) جو شمار سنڌي علم، ادب ۽ ٻوليءَ جي شعبن ۾ تحقيق ڪندڙ اهم هستين ۾ ٿئي ٿو. سندس تحقيقي ڪم گهڻو ۽ گهڻ رخو آهي پر ان جو خاص محور سنڌي ٻولي آهي، جنهن ۾ خصوصي طور لسانيات (Linguistics) جا مختلف موضوع سندس اڀياس هيٺ ايندا ۽ تحقيق سبب قلمبند ٿيندا ۽ ڇپجندا رهيا. هُو ويهين صديءَ جي پوئين اڌ کان ايڪويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي تائين، پُورا ست ڏهاڪا، مسلسل لکندو رهيو، جنهن سبب سندس اختصاريل نالو 'ڊاڪٽر الانا' سندس شخصيت ۽ تحقيقي ڪم جي مڪمل نمائندگي ڪرڻ لڳو.

ڊاڪٽر الانا سنڌي ادب جو پهريون محقق هو جنهن 1971ع ۾ "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" موضوع تي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پِي ايڇ ڊِي (Ph.D.) جي اعليٰ سَند حاصل ڪئي، جڏهن تہ ان کان اڳ هُو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان 1955ع ۾ ايم اي (MA) ڪرڻ کان پوءِ صوتيات (Phonetics) ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ جي "اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز" جي شعبي "جنرل لنگئسٽڪس اينڊ فونيٽڪس" (عام لسانيات ۽ صوتيات) مان، 1963ع ۾ ايم اي ڪيائين، جتي "The Arabic Element in Sindhi" (سنڌيءَ ۾ عربي عنصر) عنوان سان مقالو لکيائين. ان علمي اُڃ ۽ لسانيات سان وابستگيءَ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي تحقيقي راهہ جو تعين ڪيو جنهنڪري هو تسلسل سان لسانيات جي مختلف ذيلي شعبن ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ رُڌل رهيو ۽ ڪوشش ڪندي عالمي طور تي ٿيندڙ لسانياتي تحقيق بابت ادراڪ رکندو رهيو. هُن ضرورت سمجهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جي موضوعن تي تحريري مواد نہ هئڻ برابر آهي، جنهنڪري هن لسانيات تي لکڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر الانا جو ان حوالي سان جيڪو تحقيقي پورهيو ڪيو آهي، تنهن ۾: 1. "سنڌي صورتخطي" (1964ع)، 2. "سنڌي صوتيات" (1967ع)، 3. "سنڌي زبان جي بنيادي لغت" (1973ع، گڏيل ڪم)، 4. "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" (1974ع)، 5. "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" (1979ع)،

6. "سنڌي معلم" (1984ع، اردو)، 7. "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" (1987ع)، 8. "زبان اور ثقافت" (1987ع، اردو)، 9. "Papers on Sindhi Language and Linguistics" (1998ع، سهيڙ)، 10. "سنڌي لنگئافون: ٽيڪسٽ بُڪ" (1999ع)، 11. "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا" (2007ع)، 12. "ڊاڪٽر غلام علي الانا جا چونڊ مضمون" 1993ع، مرتب: گل شير بلوچ)، 13. "Sindhi Language and Literature at a Glance" (2009ع)، 14. "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" (2010ع)، 15. "قومي ۽ عالمي تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت" (2018ع)، ۽ 16. "سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس" (2020ع) ڪتاب شامل آهن. (نوٽ: ڏنگين ۾ ڄاڻايل سَن پهرين ڇاپن جا آهن.) انهن ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جا ٻيان، ٽيان ۽ چوٿان ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. جڏهن ته سندس ٻيا ڪجهه تحقيقي ڪتاب ۽ لاتعداد علمي ۽ تحقيقي مقالا، مضمون ۽ مهاڳ الڳ لکيل ۽ ڇپيل آهن، جن مان ڪجهه مقالا سندس مٿي ڄاڻايل ۽ ٻين ڪتابن ۾ شامل آهن. ڊاڪٽر الانا جي ان وڏي علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم کي ڏسندي، سندس ميجتا ۾ مختلف اديبن ۽ محققن پاران لکيل مقالن، مضمونن ۽ تاثرن تي مشتمل ڪتاب محمد عثمان منگيءَ 2011ع ۾ سهيڙي ڇپرايو ته ان جو نالو "**اڻٿڪ انسان: ڊاڪٽر غلام علي الانا**" رکيو جيڪو ڊاڪٽر الانا جي حياتيءَ جي مسلسل جدوجهد جي عڪاسي ڪري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ سان ڊاڪٽر الانا جي بي انتها محبت رهي آهي، جنهنڪري ئي الانا صاحبَ سنڌي ٻوليءَ جي علمي اڀياس ۽ تحقيق ۾ نه صرف اُن جي صوتيات، صورتخطيءَ، لغت، گرامر، سِڪيا، لساني جاگرافيءَ، تاريخ، ارتقا، عالمي اهميت ۽ حيثيت کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجي حياتي وقف ڪئي، پر سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت گذريل ٻن صدين دوران پيش ٿيل نظرين کي تنقيدي ۽ تحقيقي نظر مان ڪڍي، پاڻ به سنڌيءَ جي بڻ بنياد بابت هڪ نظريو جامع ۽ گهڻ رُخي لسانيِ تحقيق جي صورت پيش ڪيو. اهو نظريو مختلف مقالن کان سواءِ سندس خاص ڪتاب "**سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد**" ۾ پيش ڪيل آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو 1974ع ۾، "نئين مطالعي ۽ نئين نظر سان سڌاريل ۽ وڌايل" ذيلي عنوان سان ٻيو ڇاپو 2004ع ۾ ۽ ٽيون (نئون) ڇاپو 2018ع ۾ ڇپيو. جيڪو ٻئي ڇاپي جو عڪسي ڇاپو آهي. ان ڪتاب کان اڳ ۾، الانا صاحب هڪُ مقالو "**سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد**" عنوان سان ئي لکيو هو جيڪو ٽماهي "مهراڻ" 1967/2ع ۾، صفحي 66 کان 94 تائين، ڇپيو هو. ان مقالي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت الانا صاحب هيءُ نظريو ڏنو هو:

> "ماهرن جي بيان ڪيل نظرين جي مطالعي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ نه آهي، پر سنڌي، سنسڪرت ۽

لهندا، تنهي جو اصلي بنياد، قديم پراڪرت جي هڪ ٿي لهجي، يعني اڏيچيہ لهجي جو هڪ محاورو ’وراچڊ اپڀرنش‘ آهي.“ [1]

الانا صاحب ”**سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد**“ نالي سان لکيل پنهنجي اِن مقالي کي تحقيقي ۽ تنقيدي نظر مان ڪيڍي، نتيجن جو نئين سر جائزو وٺي، وڌيڪ تفصيل سان، ”**سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد**“ ڪتاب ۾ 1974ع ۾ پيش ڪيو. ان حوالي سان، ڊاڪٽر الانا، پنهنجي هڪ مقالي ”’سنڌي ٻوليءَ جو محاورو‘ مقالي ۾ پيدا ڪيل غلط فهمين متعلق ڪي حقيقتون“ ۾ لکيو تہ: ”سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ منهنجي راءِ هاڻي اها ڪانهي جيڪا مهراڻ رسالي جي نمبر 1967/2ع ۾ ڇپي هئي.“[2] جڏهن تہ هُو پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ (1974ع) بابت لکي ٿو: ”هي ڪتاب منهنجي نئين يعني بدلايل نظرئي لاءِ بنيادي ڪتاب آهي.“[3] الانا صاحب ان حوالي سان، واضح طور لکيو آهي تہ: ”هِن ڪتاب جي، هِن ٻئي ڇاپي ۾، ڀنڊارڪر جي ڪتاب مان مدد وٺي، مون اُن جي حوالن سان، پنهنجي راءِ لاءِ دليل ۽ ثبوت ڏنا آهن.“[4] 1947ع ۾ ڇپيل ڀنڊارڪر (R. G. Bhandarkar) جي ان ڪتاب جو نالو ”First Book of Sanskrit“ (فرسٽ بُڪ آف سنسڪرت/سنسڪرت جو پهريون ڪتاب) آهي. ڊاڪٽر الانا ان بعد وڌيڪ وضاحت ڪندي، لکي ٿو:

”مون حرف جر، صفت، عدد جي گردانن ۽ ڦيرن، جنسن جي گردانن ۽ ڦيرن، فعل جي ڌاتوءَ، مُورڌني آوازن، چُوسڻن آوازن، سخت تارونءَ وارن گهُٽن آوازن، لفظن جي مُنڍ ۾ ۽ آخر ۾ ايندڙ مرڪب وينجنن، فعل متعدي بالواسطہ، نون لفظن ناهڻ جا اصول ۽ واڌون، اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائڻ سان يا لفظن اندر صوتي تبديليون آڻي نوان لفظ ناهڻ جا اصول، سَنڌيءَ جا اصول ۽ قانون، اسم فاعل جا اصول، ضمير متصل ۽ ٻٽا ضمير متصل ۽ نحوي اصولن کان سواءِ ڊاڪٽر هيريماٿ ۽ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ طرفان بيان ڪيل سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي صرفي بناوتن ۾ هڪجهڙائيءَ جا مثال دليل طور پيش ڪيا آهن. اهو سڀ ڪجهہ سنڌيءَ کي غير آريائي زبان هجڻ، ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيو اٿم.“[5]

ان تفصيل مان پروڙي سگهجي ٿو تہ الانا صاحب ڪيترن نہ گهٽن رخن کان سنڌي ٻوليءَ جي بنياد کوجڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي ۽ ان کي آريائي کُٽم کان الڳ ڪري بيهاريو آهي!

علمي رويي موجب، تحقيق ۾ نُڪتي نظر کي بهتر ڪرڻ يا بدلائڻ ڪا عيب جي ڳالهہ نہ هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ تحقيق ۾ هميشہ ”نئين کوج“ جو امڪان رهندو آهي. ساڳيءَ ريت، ڊاڪٽر الانا بہ پنهنجيءَ تحقيق کي آخري اکر ڪو نہ پئي ڄاڻي ان ڪري ئي هُن ساڳئي مقالي ۾ اهو پڻ لکيو تہ: ”آئون هرگز اها هام نہ ٿو هڻان تہ جيڪي ڪجهہ مون لکيو آهي سو حرف آخر آهي، پر اُن/انهن ۾ سڌارا ۽ واڌارا آڻي سگهجن ٿا ڇاڪاڻ تہ علم جو ڪو ڇيهہ ڪونهي.“[6] گڏوگڏ، الانا صاحب اهو پڻ سمجهيو پئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ تائين پهچڻ لاءِ آڳاٽن آثارن مان لڌل، خاص ڪري موهن جي دڙي مان مليل مُهرن جو پڙهجڻ لازمي آهي، ان ڪري هن اهو پڻ لکيو تہ: ”’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ جي باري ۾ آخري راءِ تي بحث جو موضوع تيستائين جاري رهندو جيستائين واديءَ سنڌ جي قديم آثارن مان هٿ آيل مهرن جي پڙهڻين ۾ ماهر حتمي طور ڪامياب نہ ٿيندا.“[7]

ڊاڪٽر الانا سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد بابت، 1974ع ۾ ڇپيل پهرين ڇاپي جِي پيش لفظ بعنوان ”ٻہ ٻول“ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي آريائي ٻولين کان هن طرح الڳ ڪري بيهاريو آهي:

> ”سنڌي ٻوليءَ جي جملي ۾ حرف جر جي بيهڪ، تڪراري لفظن جي معنيٰ ۽ انگن جي سٽاءَ تي سوچڻ کان پوءِ آءٌ هن نتيجي تي پهتس تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي سڀ خصوصيتون غير آريائي آهن، ڇو تہ آريائي ٻولين ۾ اهي سڀ اڻلڀ آهن.“[8]

ٻيو اهم نُڪتو جيڪو الانا صاحب بيان ڪيو آهي، اهو سنڌي ٻوليءَ جو دراوڙي ٻولين سان ڀيٽ بابت آهي. الانا صاحب لکي ٿو:

> ”هڪ ڳالهہ جو خيال رکڻ تمام ضرور [ضروري] آهي تہ موجوده سنڌيءَ جي موجوده دراوڙيءَ سان ڀيٽ ڪرڻ نقصانڪار ثابت ٿيندو.“[9]

ان جو دليل هُن اهو ڏنو آهي تہ ”موجوده دراوڙيءَ بہ هزارين سال گذرڻ جي ڪري ڪئين انقلاب ڏٺا هوندا. البت جيڪڏهن لکيت واري ٻوليءَ ۽ روزمره واري ٻوليءَ ۾ اڃ بہ فرق هجي تہ پوءِ موجوده روزمره واري دراوڙيءَ جو مطالعو ڪجي.“[10]

الانا صاحب پنهنجي ڪتاب منجهہ ”ٻہ ٻول“ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪيل بحث جو تت هِن ريت لکيو آهي:

> ”سنڌي ٻولي غير آريائي خاندان واري ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون ’موهن جي دڙي‘ واريءَ تهذيب ۾ کتل آهن، جا آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي پر لکي بہ ويندي هئي، جا دراوڙي ٻولين

> جي خاندان سان هڪجهڙائي رکي ٿي. جنهن ۾ آرين جي اچڻ کان پوءِ پراڪرت ٻولين جا بيشمار لفظ داخل ٿي ويا. پر ان جي ستاءَ يعني (structure) تي آريائي ٻولين جو معمولي اثر ٿيو پر گهڻو ڪري ستاءُ ساڳيو ئي ديسي رهيو.“[11]

جڏهن تہ ان ڪتاب جي اختتام تي، ڊاڪٽر الانا پاران ٻن صفحن تي پيش ڪيل مختلف نتيجن جو اختصار هن ريت آهي:

> آرين جي اچڻ کان اڳ برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالُو هيون. ان ڪري سنڌو ماٿر ۾ بہ آرين جي اچڻ کان اڳ ڪا غير آريائي ٻولي چالو هئي. موهن جي دڙي واري ٻولي بہ ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي. سنڌي ٻوليءَ جو صرفيائي ۽ نحوي ستاءُ دراوڙي ٻولين جي صرفيائي ۽ نحوي ستاءُ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. سنڌي ٻولي بنيادي طور غير آريائي ٻولي آهي جنهن کي ”سِئندَوَ ٻولي“ يعني سنڌي ٻولي چئي سگهجي ٿو جا بنيادي طور توراني ٻولين جي خاندان سان واسطو رکي ٿي. موهن جي دڙي جي ٻولي، دراوڙي ٻولين جو بڻ بنياد آهي. موهن جي دڙي واري ٻولي يعني ’سِئندَوِي ٻوليءَ‘ (سِئندَوِي > سندوي > سنڌي) جو بنياد توراني ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو. سنڌي ٻوليءَ تي پهرين داردي ۽ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر ٿيو ۽ ان کان پوءِ سنسڪرت جو پوءِ پاليءَ جو. مختلف ٻولين جي اثر باوجود سنڌي ٻوليءَ جو صرفي ۽ نحوي ستاءُ گهڻي ڀاڱي ساڳيو رهيو البت ان جو لفظي خزانو گاڏڙ بڻجي ويو.[12]

ان کان سواءِ الانا صاحبَ لسانياتي ماهرن جي تحقيقن ۽ نتيجن منجهان سنسڪرت ٻوليءَ کي ڏيهي ٻولين جي ماءُ سڏڻ ۽ سمجهڻ بدران، قديم پراڪرت کي ماءُ ٻولي ڪوٺيو آهي. الانا صاحب ان حوالي سان پهرئين ڇاپي ۾ ئي لکيو آهي:

> ”يورپ ۽ هندستان جا ڪيترائي لسانيات جا ماهر هاڻ ان راءِ جا آهن تہ پاڪ و هند جون سڀ ڏيهي ٻوليون مختلف پراڪرتن جون ئي بدليل صورتون آهن، ۽ نہ ڪِ سنسڪرت جون بدليل صورتون. يعني تہ سڀ ڏيهي ٻوليون پراڪرتن مان ئي ڦٽي نڪتل آهن. جيڪي (پراڪرتون) ان زماني ۾ عوامي ٻولين يعني روزمره وارين ٻولين طور ڪم اينديون هيون. انهيءَ دعويٰ جي آڌار تي چئبو تہ سيني ڏيهي ٻولين جي ماءُ سنسڪرت نہ، پر قديم پراڪرت آهي.“[13]

مٿئين ڪتاب ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڊاڪٽر الانا پنهنجن ڪتابن **"سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"**، "An Introduction to the History of Sindhi Literature"، "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا"، ۽ **"سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس"** ۾ پڻ پنهنجي نظريي کي مختلف مقالن ۾ ورجايو. مثال طور هُن، ڄاڻايل انگريزي ڪتاب ۾ لکيو ته:

> "Sindhi is a continuation of Sindhui language. It has its roots in the civilization of Indus Valley. It has been influenced first by Prakrit language and then by Sanskrit, and afterwards by Iranian and Greek languages etc."(14)

ان باوجود الانا صاحب ضروري سمجهيو ته سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت پنهنجي لکيل ڦهريتي ڪتاب يعني **"سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"** کي، لسانيات جي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن پاران ڪيل نئين تحقيق موجب ڇنڊڇاڻ هيٺ آڻي، پنهنجي پيش ڪيل نظرئي کي سڌاري ۽ سنواري پيش ڪري، ڇاڪاڻ ته ان ڪتاب کي ڇَپِجي به پريا 25 سال گذري چڪا هئا. نئين مواد بابت، الانا صاحب ڪتاب جي "ٻئي ڇاپي جي مهاڳ" ۾ لکي ٿو:

> "هِن ٻئي ڇاپي تي، نئين سر نظر وڌي وئي آهي، ۽ اُن ۾ تمام گهڻو نئون مواد شامل ڪيو ويو آهي. هن ڇاپي (ٻئي) ۾ ماهرن جا وڏيڪ رايا ۽ وڌيڪ پختا دليل ڏيئي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته، سنڌي ٻولي، هر لحاظ کان، غير-آريائي ٻولي آهي. هن ٻوليءَ جون پاڙون سنڌي-ماٿر واريءَ تهذيب ۾ ڪتل آهن. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌو ماٿر واري اها قديم ٻولي آهي، جيڪا هِن ماٿر جا رهواسي لوڪ، پنهنجي روزانه وهنوار، اُٿيءَ ويهڻيءَ ۽ وڻج واپار جي ڏي-وٺ ۾، روزانه ڪم آڻيندا هئا."(15)

سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بابت، ڊاڪٽر الانا پنهنجن وڌيڪ ويچارن ۽ نظريي کي انهن مقالن ۽ ڪتابن ۾، خاص ڪري **"سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"** (2004ع) ڪتاب ۾ "مهاڳ" سميت مختلف هنڌن تي لفظن جي گهٽ وڌ فرق ورجايو آهي ۽ ان ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ "نتيجن" جي صورت ۾ تفصيل سان لکيو پڻ آهي. ڊاڪٽر الانا، هڪ ترتيب سان پنهنجيءَ تحقيق کي اڳتي وڌايو آهي. مثال طور هُن سن 1967ع ۾ ڇپيل پنهنجي مقالي "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" ۾ صفحي نمبرن 66 کان 69 تائين، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت پيش ٿيل، ڦهرينن ٽن نظرين کي، ڪتاب ۾ به ورجايو آهي، جيڪي هن ريت آهن:

> "سنڌي ٻوليءَ جي اصلي بڻ بنياد لاءِ هيستائين ٽي نظريا ملن ٿا. سيني کان پراڻي ۽ **ڦهرئين نظريي** موجب، سنڌي ٻولي سنسڪرت مان

پراڪرت، پالي، شورسيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش جي معرفت يارهين صدي عيسويءَ ڌاري هاڻوڪي صورت ورتي آهي. انهيءَ نظرئي موجب سنڌي سنسڪرت جي شاخ آهي. ڊاڪٽر ٽرومپ هن نظريي جو محرڪ آهي. ڊاڪٽر ٽرومپ کان سواءِ ڪاڪو ڀيرومل، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي بزرگ (ڏيهي توڙي پرڏيهي) هن نظريي جا حامي آهن، ۽ سندن راءِ موجب سنڌي ٻولي سنسڪرت جي لائق ڌيءَ آهي... **ٻئي نظرئي** جو محرڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي. ڊاڪٽرصاحب اها دعوا ڪئي تہ سنڌي زبان سنسڪرت جي ڄائي نہ آهي. ڊاڪٽر صاحب اهو اعلان ڪيو تہ: 'سنڌي ٻولي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي... سنڌي هڪ قديم هند-آريائي ٻولي آهي، جنهن جو بڻ بنياد، سنڌو ماٿر جي سنسڪرت کان اڳ واري دور جي ڪا هند-ايراني ٻولي آهي.' ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ 'آثار قديمہ' مان مليل مواد ۽ معلومات جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ 'سنڌ جي قديم ٻولي'، غالباً ڪا 'سامي' زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ 'سنڌ جي ٻوليءَ' تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو ۽ ان بعد پالي پراڪرت ذريعي سنسڪرت جو'... سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد لاءِ **ٽئين نظريي** جو محرڪ محترم سراج ميمڻ آهي. سراج صاحب جي راءِ موجب "سنڌي سنسڪرت جي ڄائي نہ، پر سنسڪرت سنڌيءَ جي ڄائي آهي."[16]

ڊاڪٽر الانا انهن ٽنهي نظرين جي تفصيل سان ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. خاص ڪري، سن 1967ع ۾ لکيل پنهنجي مقالي جي شروعات ۾ ئي انهن نظرين بابت سڌن لفظن، تنقيدي نُڪتي نظر سان لکيو آهي تہ:

"ڪن بزرگن تہ انهيءَ سلسلي ۾ جذبات کان ڪم ورتو آهي. هنن جا ڪيئيل نتيجا ثابت ڪن ٿا، تہ هنن سنڌي ٻوليءَ جي بنياد جي باري ۾ ڪجهہ لکڻ کان اڳ پنهنجو مخصوص نظريو پهرين قائم ڪيو آهي، ۽ پوءِ ان نظريي جي روشنيءَ ۾ ٻوليءَ جي جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙن صاحبن جي بيان ۾ تضاد گهڻو ۽ صاف بياني گهٽ آهي."[17]

پنهنجي مقالي ۾ ڊاڪٽر الانا سنڌي ٻوليءَ واسطي، بنيادي ۽ ٻڻائتي ٻوليءَ طور، هڪ واضح دليل هيٺينءَ طرح لکيو آهي:

”سنڌيءَ توڙي ٻين ڏيهي ٻولين جي نحوي اصولن موجب حرف جر اسم، ضمير، صفت يا ظرف کان پوءِ ايندو آهي، پر سنسڪرت توڙي ٻين آريائي ٻولين ۾ حرف جر اسمَ، ضمير، صفت يا ظرف کان اڳ ايندو آهي. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جڏهن برصغير ۾، توڙي برصغير کان ٻاهر، سڀني آريائي ٻولين ۾ حرف جر اسمَ، ضمير، صفت ۽ ظرف کان اڳ ايندو آهي، تڏهن اهو ڪهڙي سبب جي ڪري ٻين ڏيهي ٻولين — سنڌي، لهندا، هندي، اردو، مرهٽي وغيره — ۾ اسمَ، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ اچي ٿو؟ انهيءَ جو جواب هي آهي تہ سنڌي، لهندا توڙي ٻين ڏيهي ٻولين ۾ حرف جر جو اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ اچڻ وارو ’نحوي اصول‘ غير - آريائي، ۽ آرين جي اچڻ کان اڳ واريءَ ٻوليءَ جو نحوي اصول آهي، جنهن اصول کي ڏيهي ٻوليون اڃا تائين قائم رکيو اچن.“[18]

مٿئين پئراگراف مان پڌرو آهي تہ ڊاڪٽر الانا موجب، سنڌي ٻوليءَ هِتان جي علائقي جي حقيقي ۽ غير آريائي ٻولي آهي جيڪا سنسڪرت مان جُڙيل نہ آهي.

ڊاڪٽر الانا ان مقالي جي لکجڻ ۽ ڇپجڻ کان پوءِ بہ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت وِيچاريندو ۽ وڌيڪ تحقيقي مواد هٿ ڪندو رهيو، جنهن جي بنياد تي ان مقالي جي ڇپجڻ جي ستين سال، هُن پنهنجو ڪتاب **”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“** ڇپرائي پڌرو ڪيو جنهن ۾ وڌيڪ تفصيل سان سنڌي ٻوليءَ جا بنياد ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. پنهنجي اِن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر الانا موهن جي دڙي واري ٻوليءَ کي توراني ٻوليءَ منجهان نڪتل ڄاڻايو آهي، جنهن جو قريبي تعلق دراوڙيءَ سان آهي.

هِن هنڌ اسان ان پهرئين ڇاپي ۾ آندل مواد بابت وڌيڪ ڳالهہ ٻول نہ ٿا ڪيون، پر ان کي نئين وڌايل ۽ سڌاريل ڇاپي جي ذڪر ۾ برقرار ڪنداسين. انهن ٻنهي ڇاپن ۾ مٿي ڄاڻايل ٿئي نظريا پڻ موجود آهن. البت پهرئين ڇاپي تي، سنڌي ٻوليءَ جي ناماري استاد، پروفيسر علي نواز جتوئيءَ ان ڪتاب [1974ع] ۾ ڏنل نظريي ۽ متن بابت هڪ مفصل تنقيدي مقالو بعنوان ”غلام علي الانا جي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ تي تبصرو“ لکيو هو جيڪو سندس لکيل مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل ڪتاب **”ويرون ۽ وهڪرا“** (1993ع) ۾ صفحي 154 کان 172 تائين ڇپيل آهي. پروفيسر جتوئيءَ ان مقالي ۾ ڊاڪٽر الانا جي دليلن ۽ نتيجن کي هنن لفظن ۾ رد ڪيو آهي:

”آخر ۾ الانا ڊاڪٽر جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن سي بہ عجيب آهن. لکي ٿو تہ موهن جي دڙي واري ٻولي بہ ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي (ص 115). ان بعد لکي ٿو تہ موهن جي دڙي واري تهذيب ۽ قديم ٻولي دراوڙي تهذيب ۽ ٻوليءَ جي نشاني آهي (ص 115). ان بعد وري لکي ٿو تہ سنڌي ٻولي بنيادي طور غير آريائي آهي. جنهن کي سئنڌو ٻولي يعني سنڌي ٻولي چئي سگهجي ٿو جيڪا بنيادي طور تُوراني ٻوليءَ جي خاندان سان واسطو رکي ٿي (ص 115). ان بعد وري لکي ٿو تہ دراوڙي ٻولين جي موهن جي دڙي جي ٻولين سان ڪا نسبت آهي (ص 115). چئبو تہ موهن جي دڙي واري سنڌي ٻولي دراوڙي ٻوليءَ جي نشاني بہ آهي. دراوڙي ٻولين سان ڪا نسبت بہ رکي ٿي ۽ توراني ٻولين جي خاندان سان واسطو بہ رکي ٿي. ڇا هي منطقي نتيجو آهي؟ آخر ۾ (ص 116) سنڌي ٻوليءَ جو جيڪو شجرو ناهي ڏيکاريو ويو آهي. ان موجب موهن جي دڙي واري ٻولي وري دراوڙي ٻوليءَ جي ماءُ آهي! هي تضاد ڇا جي نشاني آهي؟“[19]

سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ ڳولڻ جو موضوع ۽ ماهرن جيئن تہ بيحد اهم ۽ دلچسپ رهڻ سميت متنازعہ پڻ رهيو آهي، ان ڪري اهو وقتن فوقتن مختلف محققن ۽ لسانيات جي ماهرن جو ڌيان ڇڪائيندو ۽ تضاد ۽ رد پيدا ڪندو رهيو آهي. ان سلسلي ۾ نامور محقق ۽ عالم **ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو هڪ انٽرويو** تماهي ”مهراڻ“ (1991/1ع) ۾ ڇپيو هو جنهن ۾ پڻ ڊاڪٽر جيٽلي، الانا صاحب جي نظريي تي ڪي اعتراض اٿاريا هئا. جن جي جواب ۾ ڊاڪٽر الانا پڻ وضاحتي مضمون لکيو هو جيڪو ”مهراڻ“ (1992/4ع) ۾ ڇپيو هو. ڊاڪٽر جيٽلي جي ان انٽرويوءَ جي مکيہ نُڪتن کي ڊاڪٽر الانا ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ جي 2004ع واري ”سڏاريل ۽ وڌايل“ ٻئي ڇاپي جي مهاڳ ۾ پڻ تفصيل سان ڇنڊڇاڻ هيٺ آندو آهي ۽ ڪي وضاحتون لکيون آهن. جهڙوڪ: ”مون ڪٿي بہ ڪڏهن بہ ايئن ڪو نہ چيو آهي تہ موهن جي دڙي جي ٻولي، ڪنهن سامي سٽ واري ٻولي هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. جنهنڪري هاڻي اها بدلجي آريائي زبان ٿي آهي.“[20] هن هنڌ ضروري آهي، تہ جنهن ريت ڊاڪٽر الانا پنهنجي ابتدائي مقالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پهرين ٽن نظرين جو ذڪر ڪيو آهي، تيئن، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻئي نامياري عالم ايم ايڇ پنهور بہ انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل پنهنجي هڪ مفصل مقالي ” Languages of Sindh Between Rise of Amri and Fall of Mansura i.e. 5000 Years Ago to 1025 A.D.“ ۾ چارٽن جي روپ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت پيش ٿيل

مختلف نظرين کي ڄاڻايو ۽ چنڊڇاڻ هيٺ آندو آهي، جن ۾ الانا صاحب وارو نظريو بہ "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" ڪتاب جي ڇهرئين ڇاپي موجب، ڄاڻايل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت، عام طور، اول اول ارنيسٽ ٽرمپ جي نظريي جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، جيئن الانا صاحب بہ ڪيو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، پر پنهور صاحبَ، ٽرمپ صاحب جي نظريي کان بہ اڳ پيش ٿيل ٻن نظرين جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان هڪُ "18 صديءَ جي ابتدا کان 1780ع تائين يورپي ليکڪن پاران" ڏنل نظريو آهي، جنهن ۾ سنسڪرت کي ٻڻائتي ٻولي قرار ڏئي منجهانئس يوناني، لاطيني ۽ زند ٻولين جي پيدائش ڏيکاري وئي آهي. ۽ ٻيو نظريو "سَر وليم جونس پاران 1786ع ڌاري ڏنل" آهي جنهن ۾ پروٽو-انڊو-يورپي ٻوليءَ کي ٻڻائتي قرار ڏئي منجهانئس سنسڪرت، يوناني، لاطيني ۽ زند ٻولين جي پيدائش ڏيکاري وئي آهي.[21] ان مقالي ۾، سنڌي ٻوليءَ بابت، پنهور صاحب پنهنجو نظريو پڻ ڏنو آهي. پنهور صاحب جي ان مقالي جو سنڌي ترجمو **"سنڌ جون ٻوليون: آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجڻ تائين يعني 5 هزار ورهہ اڳ کان 1025ع تائين"** عنوان سان، نامياري محقق ڊاڪٽر محبت برڙي ڪيو هو، جيڪو سندس ڪتاب **"آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي"** [2010ع] ۾ صفحي 60 کان 105 تائين ڇپيل آهي. پنهور صاحب پاران سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت انهن چارٽن کي، بياني صورت ۾، ڊاڪٽر محبت برڙي پنهنجي لکيل هڪ تحقيقي مقالي "استدلال جو اهو طريقو غلط آهي" ۾ شامل ڪيو جيڪو سندس ڪتاب **"انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۽ سنڌي ٻولي"** [2018ع] ۾ پڻ ڏنل آهي. ان مقالي جو بنياد سراج صاحب جي نظريي تي گنگارام سمرات صاحب جي ڪيل غير علمي تنقيد هو جنهن جو ڊاڪٽر محبت جواب لکيو هو. بهرحال، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت پيش ٿيل انهن نظرين کي، هِتي مٿين ٻنهي ڪتابن منجهان درج ڪجي ٿو ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت الانا صاحب جي نظريي کي سمجهڻ کان اڳ، پيش ٿيل ٻين نظرين کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ پڻ لازمي آهي. اهي نظريا هِن ريت آهن:

1- **ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو** (1872ع): سنسڪرت ← پراڪرت ← پالي ← سورشيني ← اپڀرنَش ← وراچڊ ← سنڌي (11-هين صديءَ ۾).

2- **اي. جي. گريئرسن جو نظريو** (1903ع): سنسڪرت سميت ڀهريت (Primary، اولين، ابتدائي، قديم) پراڪرت ← سنسڪرت ۽ ڀهريت پراڪرتون ← ٻئيت (Secondary، ثانوي) پراڪرتون ۽ سنسڪرت-2.

3- **ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جو نظريو** (1941ع): سنسڪرت ← پراڪرت ← سورشيني ← اپڀرنش ← وراچڊ ← سنڌي (11-صديءَ ۾).

**4ـ جيرامداس دولترام جو نظريو** (1957ع): سنڌي پراڪرت ← سنڌي اپڀرنش ← سنڌي (11ـ صديءَ ۾).

**5ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نظريو** (1962ع): پروٽو-سيمائيٽ (Proto-Semite) ← اويستي+يوناني+ترڪي داردي ← پالي ۽ پراڪرت+ترڪي داردي+پهلوي ← مقامي ٻوليون+عربي+فارسي ← سنڌي (11ـ صديءَ ۾).

**6ـ سراج الحق ميمڻ جو نظريو** (1964ع): سنڌو ماٿر سڀيتا جي ٻولي، جيڪا دنيا جي وڏي حصي ۾ اِنڊو-يورپي ٻوليُن، ميسوپوٽاميائي سڀيتا جي ٻولين ۽ انڊو-پرشين ٻولين، ۽ انڊو- آرين ٻولين جي صورت ۾ پکڙجي وئي.

**7ـ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو (ڪالڊويل جي 1875ع ۾ ڏنل نظريي تي بيهاريل)** (1974ع): توراني ← موهن جي دڙي واري ٻولي ← سئنڌو ← پراڻي سنڌي ← وچولي دَور واري سنڌي ← جديد (هاڻوڪي) سنڌي.

**8ـ ايم ايچ پنهور جو نظريو:** پروٽو-انڊو يورپين (اوپرائين شاخ/چاڙهه) ← پروٽو-انڊو ايراني ← پروٽو-انڊين + دراوڙي ← پروٽو-سنڌي + رگويدي سنسڪرت + پوئين (Late) سنسڪرت + آرامي ۽ پهلوي + پالي ۽ يوناني + پهلوي ← اوائلي (Early) سنڌي + عربي ۽ سنسڪرت ← وچين زماني واري سنڌي + فارسي ← ڪلاسيڪي سنڌي + فارسي ← سنڌي (وچ 19 هين صديءَ واري) + انگريزي ۽ فارسي ← جديد سنڌي.[22 ۽ 23]

پنهور صاحب، پنهنجي نظريي کي هڪ ٻئي مضمون "سنڌ جي ٻولي: 4 هزار ق.م – 1000ع" (اِن مقالي جي سنڌي عنوان کي درست ڪيو ويو آهي. انگريزيءَ ۾ ڇپيل: Sindhological Studies, Winter 1997) ۾ هن طرح پڻ بيان ڪيو آهي: "سنڌي ٻولي سنسڪرت، پالي پراڪرت يا عربيءَ مان نڪتل/اسريل نہ آهي. اها آڳاٽين انڊو-يورپين ٻولين مان (جن مان سنسڪرت ۽ پهلوي ٻوليون اُسريون) چوويهہ سَو ورهين جي عرصي دوران (3100 – 750 ق م) اسري نڪتي..."[24]

ڊاڪٽر الانا "**سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد**" ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي مهاڳ ۾، پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي ڪيل تنقيد جو تہ مختصر ذڪر ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر جيٽلي جي انٽرويو ۾ ڪيل تنقيد جو تفصيل سان جواب ڏنو آهي. ان جواب ۾ الانا صاحب ڪيترن ئي علمي اختلافن ۽ ماهرن کي ذڪر هيٺ آندو آهي، جن جو واسطو پڻ سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ سان آهي. هڪ هنڌ، ڊاڪٽر الانا لکي ٿو:

> "جيٽلي صاحب خود مڃي ٿو تہ فارسيءَ ۽ سنسڪرت جي وچ ۾ صوتياتي ۽ وياڪرڻي هڪجهڙائي ڪانهي. جيڪڏهن سنسڪرت ۽ فارسي زبانن جي وچ ۾ صوتياتي ۽ وياڪرڻي هڪجهڙائي ڪانهي،

تہ پوءِ چئبو تہ انهن زبانن جو بڻ بنياد بہ ساڳيو ڪونهي. اهو تہ وڏو بحث آهي، جڏهن تہ سر گريئرسن بہ سنسڪرت کي پراڪرت جي اُڏيچيہ شاخ جي سڌاريل ۽ سنواريل صورت ٿو ڪوٺي. ٻيا ماهر وري سنسڪرت کي تڪش-شلا وٽ، درياءَ جي ٻيءَ پَر، ساڄي ڪناري تي، تنؤل خطي ۾ رائج ٻولي، تنؤليءَ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ ٿا سمجهن، جنهن کي 'پنڊت پاڻينيءَ' ۽ تڪش-شلا وديا آليہ جي ٻين ودوانن، 400 ق م ڌاري اهو روپ ڏنو هو. ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ تہ سنڌو ماٿر جي قديم رهاڪن کي آرين جا ابا ڏاڏا ۽ سنسڪرت کي سنڌو ماٿر جي تهذيب مان اسريل زبان ٿو ڪوٺي. ان آڌار تي چئبو تہ سنسڪرت ۽ ايراني ٻولين جو بڻ بنياد ساڳيو ڪونهي، بلڪ سنسڪرت سنڌو ماٿر ۾ 400 ق م ڌاري گنڌارا خطي ۾ رائج لهجي مان جنم ورتو."[25]

ڊاڪٽر الانا سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي کوجنا ۾، پنهنجي ڪتاب کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، جن مان پهرئين ڀاڱي ۾، جن موضوعن تي تفصيلي طور بحث ڪيو آهي، تن ۾ ڊاڪٽر الانا: (1) سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت جي شاخ نہ ٿو مڃي، (2) سنڌو تهذيب کي آرين جي اچڻ کان اڳ واري ۽ ترقي يافتہ تهذيب تسليم ٿو ڪري، (3) سنڌو تهذيب جي ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ تسلسل کي بحث هيٺ آڻي ٿو (4) برصغير جي ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سنسڪرت مان ڦُٽي نڪتل ڪو نہ ٿو سمجهي، ۽ (5) سنڌيءَ ۽ سنسڪرت جي صرفي ۽ صوتي معاملن تي بحث ٿو ڪري. ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾، جن موضوعن کي چنڊڇاڻ هيٺ آندو ويو آهي، تن ۾ (1) آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌو ماٿر جي قديم ۽ اصلوڪي ٻوليءَ جا اهڃاڻ، (2) سنڌو ماٿر جي سر زمين ۽ اتان جي رهواسين جا نالا، (3) سئنڌُئي لوڪ جو نسل، (4) سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت جي ڀارهين صديءَ ۾ اختيار ٿيڻ، (5) سنڌو ماٿر جي قديم ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ، ۽ (6) سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي گهڻ رخي ڀيٽ شامل آهن. ڪتاب جي پڇاڙيءَ "نتيجا"، "سئنڌُئي ٻوليءَ جي شاخن جو چارٽ" ۽ موضوع وار سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جي "ببليوگرافي" ڏنل آهي.

يقينن ڊاڪٽر الانا جي مٿي ڏنل مختلف حوالن ۾ جيڪو لفظ گهڻو ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، اهو '**سئنڌوئي**' آهي، پوءِ اهو ملڪ جي نالي طور هجي، لوڪ طور هجي يا ٻوليءَ جي بڻ بنياد طور 'سئنڌوئي ٻولي'. مثال طور هيٺين هڪ ٻن حوالن ۾ ان اصطلاح (term) کي سمجهي سگهجي ٿو.

"ملڪ جو نالو" باب ۾ الانا صاحب لکي ٿو: "حاصل مطلب تہ سنڌو ماٿر واري شهنشاهيت ڌار ڌار ملڪن جي سرحدن ۾ ورهايل هئي. اُهي ملڪ هي هئا: ڪيڪيہ ديش، سنڌو ديش ۽ سؤوير ديش، ڪشمير، داردستان، جيسلمير، مارواڙ ميواڙ گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ. اڳتي هلي اهي ملڪ هڪ ئي ملڪ/ديش جي نالي، يعني 'سئنڌُوَ ديش' جي نالي سان سڏجڻ لڳا. البت ان ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ ۾ گهٽتائي اچي وئي."(26)

اهڙيءَ طرح "سئنڌُوَ ديش جا رهواسي (لوڪ اصلوڪا رهاڪو) ڪهڙي نالي سان سڏبا هئا؟" ۾ الانا صاحب، پيرومل آڏواڻي صاحب جا بہ حوالا ، سندس ڪتاب "قديم سنڌ" مان ڏنا آهن، جن ۾ 'سئنڌَوَ' ڪتب آيو آهي، جهڙوڪ: (1) "'سنڌو' يا 'سنڌَوَ' لفظ جي معنيٰ آهي 'سنڌ ملڪ جا رهاڪو'." (2) "'هندو' لفظ لاءِ قديم اويستا ۾ ڪم آندل لفظ 'هِندَوَ' (Hendava) آهي ۽ سنسڪرت ۾ اُن کي سَئنڌَوَ (Saindhava) چوندا هئا، جنهن جي معنيٰ آهي: سنڌوءَ جي ڪناري تي رهندڙ لوڪ."(27) ان بعد، ڊاڪٽر الانا پنهنجي پاران لکي ٿو:

> "آرين هنن لوڪن (سنڌو ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن) کي انهيءَ نالي (سَئنڌَوَ) سان ڪوٺيو ۽ سندن ٻوليءَ کي 'سئنڌَوَ'/'سَئنڌُوئي' سڏيائون. هونئن بہ تہ سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب 'سنڌو' لفظ جي صفتي صورت 'سِنڌُوئي'/سئنڌُوئي ٿيندي. اها صورت (سنڌُوئي) اڳتي هلي پهرين 'سنڌُئي' بڻي هوندي ۽ پوءِ 'سنڌي' بڻجي وئي، ۽ وچ واري سُر ['اُو'] کي [اُ] سُر ۾ تبديل ڪيو ويو."(28)

الانا صاحب، پنهنجي ڪتاب **"سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"** ۾ پڻ "سئنڌوئي" جي ڦيري جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

> "ممڪن آهي تہ سنڌي لفظ: سئنڌوئي > سئنڌئي > سنڌوئي > سنڌي ٿيو هجي."(29)

**"سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"** ڪتاب جو باب "سنڌو ماٿر جي قديم ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ" ان لحاظ کان اهم آهي، تہ ان وسيلي ٻڌائتي ٻوليءَ جي حدبندين جو تعين ٿئي ٿو جنهن بابت هن ريت الانا صاحب لکيو آهي:

> "تحقيق مان ائين بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌو ماٿر جي قديم زبان سئنڌُوئي، سنڌو ماٿر جي اترئين وڏي علائقي يعني ڪشمير جي اترئين چيڙي تائين، اتر-اولهہ طرف داردستان واري ڪوهستاني علائقي تائين، اولهہ-ڏکڻ ۾ بلوچستان ۽ اُن کان بہ اڳتي اولهہ طرف،

ايران جي سرحد اندر ڪرمان جي جدگال خطي تائين ۽ اتر-اولهه طرف ايران جي خوزستان صوبي اندر، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جي ساحلي خطي تائين، ڏکڻ-اوڀر ۾ ڪڇ جون اوڀر واريون سرحدون ٽپي، اڳوڻي سؤراشٽر جي اُپرندئين ڇيڙي تائين، اوڀر-۽ اتر-اوڀر ۾ راجستان ۽ هرياڻا رياست اندر پکڙيل هئي.“[30]

سنڌي ٻوليءَ جي حدبندين جو ذڪر، الانا صاحب پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب **”سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس“** ۾ پڻ ڪيو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

”سنڌي ٻولي، سنڌو ماٿري جي قديم ترين ۽ غير آريائي ٻولي آهي. هن قديم ٻوليءَ جون قديم سرحدون، قديم زماني ۾، موجوده سنڌو ماٿر جي ڏکڻ ۾، عربي سمنڊ جي بابا پٽ ۽ منهوڙي وارن ٻيٽن تائين، اوڀر ۽ ڏکڻ-اوڀر ۾ موجوده راجستان رياست جي اڳوڻين رياستن: جيسلمير، جوڌپور، مارواڙ، ميواڙ ۽ اُديپور تائين ۽ ڏکڻ-اوڀر ۾ ڪڇ، گجرات رياست جي خانديش کان سواءِ سورت ۽ کنڀات بندرن تائين، ڏکڻ-اوڀر ۾ ڪاٺياواڙ جي رياستن کان سواءِ اتر-اوڀر ۾ ڀارت جي موجوده رياستن هرياڻا ۽ هماچل پرديش جي حدن تائين پکڙيل هئي. اهڙيءَ طرح اتر-اولهه ۾ داردستان جي وڏي علائقي کان سواءِ، اوڀر ايران جي صوبن خوزستان (موجوده نورستان)، سيستان ۽ ڪرمان صوبي جي لاڙ واري خطي، ايران جي بلوچستان جي جدگال خطي ۾ به پکڙيل هئي. انهيءَ سڄي علائقي يعني سنڌو ماٿر ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي، اُن کي علم اللسان جي ماهرن ’سنڌو زبان‘ نالو ڏنو آهي، ۽ جنهن جنهن خطي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اُن خطي ۾ اُن قديم سنڌو ٻوليءَ جي شاخ ڳالهائي ويندي هئي، ۽ اڄ پڻ انهن خطن ۾، اُنهن شاخن جي باقيات جا مثال موجود آهن.“[31]

ڊاڪٽر الانا مٿئين بيان کان پوءِ انهن شاخن جو نقشو ڏنو آهي، جنهن موجب ’سنڌو زبان‘ جون 10 شاخون هن ريت آهن: (1) پروٽو-دراوڙي، (2) براهوي، (3) اُترين شاخ، (4) اُپرندين شاخ، (5) ڪشميري، (6) داردي، (7) مڌيه شاخ، (8) لهندي، (9) ڏکڻ-اوڀر ۽ اولهه واري شاخ، ۽ (10) سنڌي.[32]

انهن 10 شاخن جو ذڪر، ان کان اڳ، **”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“** ڪتاب ۾ ”سئنڌُوَ/سئنڌُئي ٻولي“ طور، هِن ريت ڪيل آهي: (1) قديم دراوڙي، (2) ڏکڻ-اوڀر واري

شاخ، (3) اُپرندين شاخ، (4) اتر-اوڀر واري شاخ، (5) وسطي شاخ، (6) ڏاکڻي شاخ، (7) لهندي شاخ، (8) اُترين شاخ، (9) اتر-اولهه واري شاخ، ۽ (10) برهوئي شاخ.[33]

انهن شاخن جو ورجاءُ ڪجهه تبديلين سان، ساڳئي ڪتاب ۾، "موهن جي دڙي واري ٻولي" جي ذيلي عنوان هيٺ هن طرح ڪيل آهي: (1) سنڌوئي/سنڌوَ (2) لهندُئي/لهندِي شاخ، (3) قديم دراوڙي (Proto-Dravidian)، (4) داردي، (5) اتر-اوڀر واري شاخ، (6) اوڀر واري، (7) ڪشميري، (8) ڏکڻ-اوڀر واري شاخ، (9) وسطيہ (مرڪزي خطي واري)، ۽ (10) براهوي.[34]

انهن ٻنهي ڪتابن ۾ ڄاڻايل شاخن جي تقابلي نالن مان هي ڳالهيون پڌريون ٿين ٿيون:

(1) "قديم دراوڙيءَ" جو نالو "پروٽو-دراوڙي" ڪيو ويو آهي،
(2) "ڏکڻ-اوڀر واري شاخ" کي "ڏکڻ-اوڀر ۽ اولهه واري شاخ" ڪيو ويو آهي،
(3) "اُپرندين شاخ" ۽ "اترين شاخ" ساڳئي نالي سان برقرار آهن، ۽ "لهندي شاخ" کي "صرف "لهندي" ڪيو ويو آهي،
(4) "اتر-اوڀر واري شاخ"، "وسطي شاخ"، "ڏاکڻي شاخ" ۽ "اتر-اولهه واري شاخ" جا نالا ختم ڪيل آهن،
(5) "برهوئي شاخ" کي "براهوي" ڪيل آهي، ۽
(6) "ڪشميري"، "داردي"، "مڌيہ شاخ" ۽ "سنڌي" شاخن جا نالا متعارف ڪرايل آهن.

ڊاڪٽر الانا پنهنجي ڪتاب "**سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد**" ۾، ڪن ٻہ ٻن ٻولين جي تقابلي اڀياس لاءِ جن وياڪرڻي معاملن جو ذڪر ڪيو آهي، تن بابت لکي ٿو: "ڪن ٻہ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ٻولين جي تقابلي اڀياس لاءِ جن ٻہ اهم نقطن (جزن) جي اڀياس ۽ ڀيٽ جي ضرورت هوندي آهي، اُهي هي آهن: (i) صوتي هڪجهڙايون، (ii) لفظن جي ڌاتوئن (roots) ۾ هڪجهڙايون، (iii) ڪردنتن جي بناوت جا هڪجهڙا اصول، (iv) اسمن ۽ فعلن جي گردانن ۾ هڪجهڙايون، (v) ضميرن ۽ حرفن (participles) ۽ حرف جر وغيره جي استعمال ۾ هڪجهڙايون: مطلب تہ جيڪڏهن ڪن ٻہ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ٻولين ۾، اهي سڀ هڪجهڙايون موجود هونديون تہ پوءِ چئبو تہ يا تہ هڪ زبان، اُن/ٻيءَ زبان مان ڦٽي نڪتي آهي، يا ٻئي (يا وڌيڪ) زبانون، ڪنهن هڪ ئي ۽ ساڳئي بنياد جون شاخون آهن، يعني هڪ ئي بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن."[35] الانا صاحب انهن جزن جي بنياد تي مختلف ٻولين جو جائزو ورتو تن ۾ سنسڪرت، لهندا، سنڌي شامل آهن. ان بابت هُو لکي ٿو: "'سنڌي ۽ داردي ٻولين' ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي، بلڪ داردي خاندان

واريون ٻوليون ۽ انهن جو بڻ بنياد بہ سنڌو-تهذيب واري قديم ۽ اصلوڪي زبان 'سئنڌُئي سان واسطو رکي ٿو.' [36]

الانا صاحب مٿي ڄاڻايل وياڪرڻي جزن جي بنياد تي "سنڌي ۽ سنسڪرت جي ڪن هڪجهڙاين" جو مطالعو صوتي، صوتياتي، صرفي طور ڪيو آهي. مثال طور 'فعلن جي گردانن' ۾ الانا صاحب لکي ٿو: "سنڌيءَ ۾ بہ سنسڪرت ۽ فارسيءَ وانگر، فعل جي ڌاتوءَ جي گردانن جي حالت ۾، ان جي پوياں ضميري پڇاڙيون (نشانيون) ملايون وينديون آهن. سنڌي، لهندي/لهندا ۽ سنسڪرت ۾ اهي ضميري پڇاڙيون، ٿوريءَ ڦير گهير کان پوءِ، لڳ ڀڳ هڪجهڙيون آهن." [37]

الانا صاحب سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي لغوي خزاني جي هڪجهڙائيءَ کي بہ چندچاڻ هيٺ آندو آهي، جنهن ۾ صوتياتي هڪجهڙائي، مورڌني آوازَ گهُٽا آوازَ اَوسرگائي، لفظن جي آخر ۾ سُر جو اُچار، مُرڪب وينجن آوازَ صرفيہ جي اصولن ۾ هڪجهڙائي وغيره شامل آهن. مثال طور، الانا صاحب "ضمير غائب" هيٺ لکي ٿو: "دراوڙي ٻولين ۾ ضمير غائب ڪو نہ ٿئي، پر ضمير اشاري (ويجهي ۽ ڏُور) کان ضمير غائب جو ڪم ورتندا آهن. ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ضمير اشاري ويجهي ۽ ڏُور (هيءُ، هيءَ، هوءَ، اِهو اُهو هِنَ، هُنَ، هِنن ۽ هُنن) کي ضمير غائب، واحد ۽ جمع طور ڪم آڻبو آهي." [38]

ان ريت، الانا صاحب وڏي تفصيل سان وياڪرڻي اڀياس پيش ڪيو آهي ۽ ان اڀياس جو مختصر نتيجو هِنن ٻن نُڪتن ۾ پڇاڙيءَ ۾، هن طرح، بيان ڪيو آهي: (1) "سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوِي سٽاءَ ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوِي سٽاءَ ۾، اڄ بہ هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، ۽ هڪ ٻئي سان ناتن ۽ رشتن ۽ لاڳاپن جي نہ هجڻ جي باوجود، منجهن هڪجهڙائيءَ جا بيشمار مثال موجود آهن." [39] (2) "مختلف ٻولين جي اثر جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي، صرفِي ۽ نحوي سٽاءُ، گهڻو تڻو ساڳيو ئي رهيو البتہ ٻوليءَ جو لغوي/لفظي خزانو گاڏڙ ٻڻجي ويو جنهن ۾ فاتح قومن جي ٻولين جي لفظن جو بتدريج تمام گهڻو اضافو ٿيندو رهيو." [40]

**"سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"** ڪتاب ۾ سموري مفصل مطالعي کان پوءِ، حاصل ڪيل نتيجا ڏهن نُڪتن، انهن جي اختصار ۽ "سئنڌُوئي" ٻوليءَ ۽ ان جي شاخن جي نقشي تي (ڏنگين ۾ ڏنل) مشتمل آهن. جن ۾ ڊاڪٽر الانا جي سموري تحقيق ۽ سندس نظريو نروار ٿي بيهي ٿو. انهن نتيجن کي هيٺينءَ ريت، پنجن نُڪتن ۾، نئين سر بيان ڪري سگهجي ٿو:

1. برصغير ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ سئنڌُوئي ٻولي پنهنجين ڏهن وڏين شاخن: 1. سئنڌُوئي، 2. لهندِي، 3. اُيرندِي، 4. وچين، 5. اتر-اولهه واري، 6. ڏکڻ-اوڀر واري، 7. قديم دراوڙي (Proto-Dravidian)، 8. برهوئي، 9. ڪشميري ۽ 10. اولهه واري سميت رائج هئي. (نقشي موجب نالا: 1. ڏاکڻي شاخ [سئنڌُوئي، سؤوير ديش جي ٻولي]، 2. لهندِي، 3. وسطي [سئنڌو ديش جي ٻولي]، 4. اتر-اولهه واري [داردي ٻوليون]، 5. ڪشميري، 6. اڀرندين، 7. ڏکڻ-اوڀر واري، 8. اتر-اوڀر واري، 9. برهوئي، ۽ 10. قديم دراوڙي) (نوٽ: شاخن جي نالن ۾ تفاوت نظر اچي ٿو.) اها غير آريائي هئي ۽ سنڌ ملڪ ۽ سنڌو درياءَ جي نالي پٺيان ”سئنڌُوئي“ سڏبي هئي. اهي لوڪ ۽ سندن ٻولي ٻاهران آيل ناهي يعني ديسي آهي، ان ڪري توراني، تاتاري يا سٿين قومن ۽ انهن جي ٻولين مان ڦُٽي نڪتل ناهي. ان قديم سنڌو ماٿر تهذيب، تمدن ۽ ٻولين جا اهڃاڻ اڃا بہ موجود آهن.

2. قديم دراوڙي شاخ، موجوده دراوڙي ٻولين جي ماءُ-ٻولي (Parent language) هئي. سنڌي، لهندي، اڀرندي شاخ وارين ٻولين ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي.

3. سنڌو ماٿر جي ٻوليءَ جي توراني ٻوليءَ سان تهذيبي ۽ تمدني واسطي سبب سنڌي، لهندي، اڀرندي دروڙي شاخ وارين ٻولين ۾ توراني ٻوليءَ جا اثر ۽ اهڃاڻ ملن ٿا.

4. قديم سئنڌوئي ٻوليءَ تي، پهرين سنسڪرت جو پوءِ پاليءَ جو ۽ اڳتي هلي ٻين فاتح ٻولين فارسيءَ، يونانيءَ، عربيءَ ۽ انگريزيءَ جا اثر پيا، پر ان باوجود سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ گهڻو تڻو ساڳيوئي رهيو البت لغوي خزانو گاڏڙ بڻجي ويو.

5. سنڌو تهذيب جي سئنڌوئي ٻولي، نہ فقط سنڌو ماٿر جي وسطي حصي تي اثر انداز رهي، پر ان جي پهچ ۽ پکيڙ اوڀر ۾ نرمدا نديءَ جي اولهه واري ڪناري تائين، اتر-اوڀر ۾ هرياڻا رياست ۾ اوپر واري چيڙي تائين، ڏکڻ-اوڀر ۾ ڪڇ، گجرات جي لوٿل (نال پال ڍنڍ جي ڪناري تي ٻڌل شهر، لوٿل يعني مئلن/مري ويلن جو شهر. [الانا، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد، ص 299، 2018ع]) ۽ سورت بندر جي ساموندي ساحل ۾ ڪنيات جي نار تائين، اتر ۾ ڪشمير جي سرحدن تائين، اتر-اولهه ۾ داردستان جو سجو علائقو تانگير-ڪوهستان تائين، اولهه ۾ ڪوهہ سليمان، ڪيتران وارو علائقو ۽ ٻولان دڙي کان ايران جي خوزستان، ميستان، ڪرمان ۽ مڪران جي چيڙي تائين، اولهہ-ڏکڻ ۾ لس ٻيلي واري اڳوڻي رياست جي سرحد تائين، ۽ ڏکڻ ۾ سنڌ جي ڪوهستان واري علائقي ۽ پُوري ساموندي ساحل تائين پکڙيل هئي.(41)

ان ريت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ سراج جي نظرين کان پوءِ هڪ اهم نظريو ڊاڪٽر غلام علي الانا جو پڻ سنڌ جي عالمن مان هڪ عالم پيش ڪيو. انهن نظرين جي

تقابلي جائزي ۾ ”ٽي مخالف ــ هڪ اتحاد“ عنوان سان، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو پنهنجي مقالي **”استدلال جو اهو طريقو غلط آهي“** ۾ لکي ٿو:

”الانا صاحب جن ۽ سراج صاحب جن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت جيڪو نڪتهءِ نظر رکن ٿا ، توڙي جو ان ۾ ڪا بہ هم آهنگي موجود ناهي، پر فطري آهي تہ سنسڪرت جي حوالي سان ٻنهي کي همنوا سمجهيو وڃي.“[42]

ان کان پوءِ هُن ڊاڪٽر بلوچ جي ڪتاب **”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“** [1990ع] مان ڪي حوالا پڻ ڏنا آهن، جن مان هڪ هيءَ بہ آهي: ”سنڌي انهيءَ ’وراچڊ اپڀرنش‘ مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو اڳين نَحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌي جو خمير سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت کان اڳ واري ’پروٽو-پراڪرت‘ يا ’پهرين-پراڪرت‘ تائين پهچي ٿي. (بلوچ [1990] ص 32-33)“ ان حوالي کان پوءِ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو لکي ٿو:

”ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت نڪتهءِ نظر جي حوالي سان سراج صاحب جن ۽ الانا صاحب جن سان ڪا بہ هم آهنگي نہ ٿا رکن، اجا بہ ايئن چئجي تہ ٽيئي هڪ ٻئي جا تنقيد نگار رهيا آهن، پر ڏسي سگهجي ٿو تہ سنسڪرت جي حوالي سان ٽنهي ۾ همنوائي موجود آهي. ٽيئي سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄوڪي سنڌي سماج جا وڏا نالا آهن، ٽيئي هڪ ٻئي جا تنقيد نگار (۽ سچ چئجي تہ مخالف) آهن، ٽنهي جي تحقيق سنسڪرت ۽ سنڌي جي حوالي سان هڪ ئي نقطي تي مرڪوز ٿيئي ٿي (۽ انهيءَ حوالي سان سچ چئجي تہ اڻ-ڄاتل/اڻ ووڙيل اتحادي آهن) ۽ ٽيئي اها ڳالهہ پنهنجي دلئون گهڙي ڪو نہ ٿا ٻڌائن، مختلف ۽ پروسي لائق عالمن ۽ محققن جي راين جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهہ بيان ڪن ٿا.“[43]

**”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“** (2004ع) ڪتاب کان پوءِ الانا صاحب جو هڪ ٻيو ڪتاب **”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“** (2006ع) ڇپيو جنهن ۾ پڻ الانا صاحب پنهنجي نُڪتي نظر کي سولن لفظن ۾ هِن ريت ورجايو تہ:

”سنڌي زبان، سنڌو ماٿر جي قديم سڀيتا جي قديم ۽ اصلوڪي ٻولي آهي، جنهن جو نالو يقينن سنڌو درياهہ جي نالي پٺيان سڏجندڙ ملڪ، يعني ’سئنڌو ديش‘ جي نالي سان ’سئنڌوئي ٻولي‘ هوندو. هن تهذيب جي ماڻهن کي ’سئنڌوئيءَ‘ جي نالي سان سڏيو ويندو هوندو.“[44]

سنڌي ٻوليءَ بابت، الانا صاحب وڌيڪ لکيو آهي تہ:

”سنڌي زبان ڪن صوتي ۽ صوتياتي تبديلين کان سواءِ، اُها ئي ساڳي زبان آهي، جيڪا موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جي جاهہ و جلال وقت بہ هن علائقي ۾ هن ماٿر ۾ رائج هئي، ۽ جيڪا زماني جي تبديلين سان گڏوگڏ، ڌار ڌار حملہ آورن ۽ فاتحن جي ٻولين کان اثر وٺندي، پنهنجي لغوي خزاني ۾ واڌارو آڻيندي آئي آهي، ۽ پنهنجي قديم صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ ۽ ساخت کي قائم رکندي آئي آهي: پر جيستائين موهن جي دڙي واري لکت پڙهي نہ وئي آهي، تيستائين اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ سنڌو ماٿر جي اُن قديم ٻوليءَ جو سٽاءُ ڪهڙو هو يا اُن ٻوليءَ جو نمونو ڪهڙو هو.“[45]

ٻئي طرف، سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد بابت سراج صاحب پڻ پنهنجو مطالعو برقرار رکيون پئي آيو جنهن ۾ الانا صاحب جي نُڪتي نظر کي پڻ پڙهندڙ ۽ سمجهندڙ هو، جنهن جو ڪُليل اظهار هُن تڏهن ڪيو جڏهن الانا صاحب جي ڪتاب **”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“** جو مهاڳ لکيو (جنهن منجهان مٿيان بہ حوالا ڏنا ويا آهن). مهاڳ ۾ سراج صاحب ”سئنڌُوئي“ لفظ بابت پنهنجو نُڪتي نظر هِن ريت بيان ڪيو جيڪو ڏيان لهڻي ٿو:

”مون کيس [الانا صاحب کي] گذارش ڪئي هئي تہ آرين جي حوالي سان اختيار ڪيل لفظ ’سئنڌوئي‘ (Saindhui) تي کيس ٻيهر غور ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪن قديم ليکڪن سنڌ کي سئنڌوا يا سياند يا اهڙي ڪنهن ٻئي غلط اُچار سان اُچاريو آهي، جنهن کي ٽرنر (Turner) جهڙي لغت نويس پنهنجي ’هند-آريائي ٻولين جي لغت‘ (A Dictionary of Indo-Aryan Languages) ۾ اختيار ڪيو آهي تہ ضروري ڪونهي تہ اسين سنڌ ۽ سنڌيءَ جي محض قدامت ثابت ڪرڻ لاءِ اهو ئي غلط اچار ۽ ان جي ناگري لکت کي قبول ڪندا اچون. ’سنڌ‘ ۽ ’سنڌي‘ تمام قديم لفظ آهن، جن جو اچار اهو ئي هو جهڙو اڄ آهي: انهن جو ثبوت پهلوي ڪتبن ۾ صاف ملي ٿو جنهن مان ايترو تہ چئي سگهجي ٿو تہ اوستا جي وقت کان يعني چوويهہ سو ورهيہ اڳ اهي ٻئي لفظ ان ساڳئي اچار سان اچاريا ويندا هئا، بلڪ جڏهن س ۽ هہ جي غلط ملط ٿيڻ سان سنڌ کي هند ڪري پڙهيو ويو، تڏهن بہ ان هند کي ’هئندوئي‘ ڪري ڪو نہ پڙهيو ويو، بلڪ

> الادريسيءَ کان البيرونيءَ تائين سڀني ان کي هند ۽ هندي سڏڻ جي غلطي ڪئي ۽ نہ 'هئندو' ۽ 'هندوئي' جِي. ان ڪري ڊاڪٽر صاحب کي ان مغالطي کي درست ڪرڻ گهرجي."[46]

علم اللغت يعني ليڪسڪالِجي (Lexicology) موجب, هميشہ سادن لفظن منجهان مرتب لفظ جڙندا آهن, نہ ڪي مرتب لفظن منجهان سادا لفظ. ان لحاظ کان, معلوم ٿئي ٿو تہ سراج صاحب جي صلاح تي الانا صاحب غور ڪيو ۽ هُن پنهنجي ڪتاب **"سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس"** (2020ع) ۾, "سئنڌُوئي" بدران "سنڌي ۽ سنڌو" جا اصطلاح ڪتب آندا آهن ۽ پنهنجي نظريي کي حتمي طور, هڪڙي ئي پئراگراف ۾, هن طرح بيان ڪيو آهي:

> "ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل تحقيق موجب, سنڌي ٻولي, سنڌو ماٿر ۾ ڪٿان ٻاهران آيل ڪنهن قوم يا قومن جي ٻوليءَ جي شاخ نہ آهي, پر هيءَ ٻولي, سنڌو ماٿر جي قديم سنڌو تهذيب ۾ رائج, قديم, اصلوڪي ۽ مَقامي 'سنڌو ٻولي' آهي, جيڪا اڳتي هلي, تاريخ جي ڌار ڌار دورن ۾, ڌار ڌار ٻولين ۾ ورهائجي وئي. اُهي ٻوليون آهن: سنڌو (سنڌي), لهندي, داردي, براهوي, قديم دراوڙي, ڪشميري, راجستان جي قديم ٻولي اپڀرنش, ڪڇي, گجرات جي قديم ٻولي ناگر اپڀرنش, هرياڻا ۾ بانگڙو باگڙي, گجرات ۾ ڀيلي موجوده پنجاب جي اڳوڻين رياستن جي ٻولين ۾ ورهائجي وئي."[47]

## نتيجو:

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لسانيات جي ماهرن ۾ نمايان حيثيت رکندڙ هو. هُن لسانيات جي مختلف شاخن, جهڙوڪ صوتيات, صرفيات, معنويات وغيره ۾ مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪيو. هن پنهنجي لساني مطالعي دوران سنڌي ٻوليءَ بابت پيش ٿيل نظرين جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو هو جنهن ۾ ڪيس, پنهنجي حاصل ڪيل علم ۽ ڇنڊڇاڻ موجب محسوس ٿيو تہ هڪ نئين نظريي جي پيشڪش جي گنجائش آهي. ان سلسلي هيٺ, ڊاڪٽر الانا سن 1960ع جي ڌاڪي کان اول مقالو لکيو, جنهن بعد ان کي تنقيدي نظر مان ڪيندي ۽ اصلاح ڪندي, هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" لکيو. ان کان پوءِ بہ هُو ان موضوع تي مسلسل نئون اڀياس ڪندو رهيو ۽ پنهنجي پيش ڪيل نظريي کي سنواريندو ۽ سڌاريندو رهيو جنهن کي پوءِ هن پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ وڌيڪ تفصيل سان پيش ڪيو ۽ ان کي مختلف هنڌن تي پوءِ

ڇپيل ڪتابن ۽ مقالن ۾ بہ ورجايو آهي. تہ سنڌي ٻولي هن خطي جي اصلوڪي ٻولي آهي، جيڪا ڪنهن بہ ٻاهرين هنڌان يا ٻين ماڻهن پاران آندل نہ آهي. اها ٻولي ’سنڌو ٻولي‘ آهي جيڪا تاريخ جي مختلف ڏارائن ۾ الڳ الڳ ٻولين ۾ ورهائجي وئي.

## حوالا:


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد (مقالو)، ايڊيٽر: غلام محمد گرامي، ٽماهي ”مهراڻ“، شمارو 2/1967ع ص: 92، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: غلام علي الانا جا چونڊ مضمون ۽ مقالا (مضمون: ”سنڌي ٻوليءَ جو محاورو“ مقالي ۾ پيدا ڪيل غلط فهمين متعلق ڪي حقيقتون)، مرتب: گل شير بلوچ، ڇاپو ٻيون 1993ع ص: 42، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد
3. ساڳيو ص: 35
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٽيون 2018ع، ص: 15، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
5. ساڳيو ص: 15-16
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: غلام علي الانا جا چونڊ مضمون ۽ مقالا، ڇاپو 1993ع، ص: 34، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد
7. ساڳيو ص: 31
8. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيون 1974ع، ص: خ، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد
9. ساڳيو ص: ذ
10. ساڳيو ص: ذ
11. ساڳيو ص: ذ-ز
12. ساڳيو ص: 115-116
13. ساڳيو ص: 23
14. Allana, Ghulam Ali, Dr.: Sindhi Language & Literature at a Glance, Sindhi Language Authority Hyderabad, Ed. 1991 p. 138
15. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٽيون 2018ع، ص: 27
16. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيون 1974ع، ص: 1-4
17. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد (مقالو)، ٽماهي ”مهراڻ“ 2/1967ع، ص: 66
18. ساڳيو ص: 72
19. جتوئي، علي نواز، پروفيسر: ويرون ۽ وهڪرا، ڇاپو ٻيون 1993ع، ص: 171، سنڌ سڌار اڪيڊمي حيدرآباد
20. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٽيون 2018ع، ص: 23-24

21. پنهور، ايم ايڇ: آڳاٽي سنڌ ۾ سنڌي ٻولي (مقالا ۽ مضمون)، مترجم: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، مرتب: رياضت ٻرڙو، ڇاپو پهريون 2010ع، ص: 60، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر
22. ساڳيو ص: 60_63
23. ٻرڙو محبت، ڊاڪٽر: انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۾ سنڌي ٻولي (مقالا، مضمون ۾ علمي خطَ)، مرتب: رياضت ٻرڙو، ڇاپو پهريون 2018ع، ص: 146_147، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر
24. پنهور، ايم ايڇ: آڳاٽي سنڌ ۾ سنڌي ٻولي (مقالا ۽ مضمون)، ڇاپو 2010ع، ص: 118
25. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو 2018ع، ص: 15
26. ساڳيو ص: 125
27. ساڳيو ص: 126_127
28. ساڳيو ص: 127
29. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڇاپو 2005ع، ص: 252، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
30. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو 2018ع، ص: 169
31. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس، ڇاپو پهريون 2020ع، ص: 183_184، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
32. ساڳيو ص: 184
33. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو 2018ع، ص: 159
34. ساڳيو ص: 186_187
35. ساڳيو ص: 63
36. ساڳيو ص: 64
37. ساڳيو ص: 72
38. ساڳيو ص: 260
39. ساڳيو ص: 298
40. ساڳيو ص: 299
41. ساڳيو ص: 297_300
42. ٻرڙو محبت، ڊاڪٽر: انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۾ سنڌي ٻولي، ڇاپو 2018ع، ص: 156
43. ساڳيو ص: 156_157
44. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ڇاپو پهريون 2006ع، ص: 31، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد
45. ساڳيو ص: 36
46. سراج: مهاڳ، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ليکڪ: ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڇاپو پهريون 2006ع، ص: xii
47. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس، ڇاپو 2020ع، ص: 183